حڪومت سنڌ، پاڪستان

سنڌ جي بيراجن جي بحالي جو منصوبو

سکر بيراج جي بحالي ۽ جديد ڪرڻ جو منصوبو



# سماجي انتظامي ڍانچو

ڊسمبر 2017

## سماجي انتظامي ڍانچي جو تت

## تعارف :

گڊو بئراج ضلع ڪشمور ۾ واقع آهي ۽ صوبي جي اتر طرف آهي.جيڪو 1957 کان 1962 تائين ٺاهيو ويو هو. ۽ ان سان سپر اسٽرڪچر بئراج جي دروازن ۽ واهن جي دروازن جي ڪورين ۽ ان کان علاوه بئراج جي مٿيئن پاسي لٽ جيڪو بئراج جي واهن ۽ ٻوڏ جي پاڻي جو بئراج مان گذرڻ تي تمام گهڻو اثر ٿئي ٿو.

هنن مسئلن کي حل ڪرڻ جي لاءِ تفصيلي تحقيقاتي مطالعو گڊو بئراج جي بحالي لاءِ سنڌ واٽر سيڪٽر امپرووومنٽ منصوبي جي سفارشن تي ڪيو ويو(WISP Phase 1). جنهن جو مقصد هو ته پاڻي جي رسد ۽ ورڇ صحيح نموني ڪجي. وسپ فيز 1 ۽ عالمي بينڪ جي گڏيل قدمن، هي منصوبو سنڌ حڪومت عمل ۾ آڻي رهي آهي. نتيجتن هن تحقيقاتي مطالعي جي ڪري سنڌ بئراج بحالي جي منصوبي SBIP گڊو بئراج جي بحالي لاءِ عمل آيو. SBIP منصوبو سنڌ حڪومت ۽ عالمي بئنڪ گڏيل شراڪتي پيسن سان عمل ۾ آڻي رهيا آهن.

گڊو بئراج جي بحالي لاءِ ماحولياتي سماجي انتظامي منصوبو ۽ سماجي انتظامي ڍانچو تفصيلي تحقيقاتي مطالعو WISP جي دوران تيار ڪئي ويئي آهي. سماجي انتظامي ڍانچو سڀني منصوبن سماجي مسئلن جي رهنمائي ۽ ان کي عمل ۾ آڻڻ جيڪي پراجيڪٽ کي بحالي جي ڪم دوران پيش ايندا. جيئن ته خانگي زمين جي خريداري، ماڻهن جي لڏ پلاڻ ۽ پاڻي جي رسد ۾ رخنو واهن جي بندي کان علاوه واهن کي بند ڪرڻ ۽ لاڳاپيل ماڻهن سان معلومات جي ڏي وٺ ڪرڻ. اصلي SMF مشتمل ٿئي ٿو (1) ماڻهن جي لڏ پلاڻ جي پاليسي جو ڍانچو(RPF) (2) سماجي ڪمن جو منصوبو (SAP) (3) ماڻهن کي معلومات ڏيڻ جي جوڙجڪ جيڪي 2015 کان گڊو بئراج جي بحالي جي ڪم لاءِ عمل ۾ اچي رهيا آهن.

سنڌ حڪومت عالمي بينڪ کي سکر بئراج جي لاءِ عرض 2017 ۾ ڪيو. جيڪو 85 سال پراڻو سکر ۽ روهڙي جي ويجهو واقع آهي. بحالي جو ڪم هلندڙ سنڌ بئراج جي بحالي جي منصوبي مان واڌو فنڊنگ مان ڪرايو وڃڻ جي تجويز ڪئي ويئي تنهن ڪري سنڌ انتظامي جوڙجڪ کي واڌو فنڊنگ جي مطابق تبديل ڪيو ويو خاص تبديليون ڏجن ٿيون. (1) جيئن تبديل ٿيل RPF گڏوگڏ تبديل ٿيل انٽائيٽل ميٽرڪس جيڪو وسڦ ميٽرڪس ۾ هاڻي اپڊيٽ ڪيو ويو آهي. (2) سماجي ڪمن جو منصوبو SAP الڳ (New component E – Integrated riverine Management Plan) هيٺ ڏنل واڌو فنڊنگ ۾ جنهن جي نتيجي ۾ سامجي ڪمن جو منصوبو اڳئين تيار ڪيل SMF مان ختم ڪيو ويو آهي.

## سول ورڪ اصلي گڊو بئراج جي منصوبي جا ڪم:

گڊو بئراج جا ڪم خاص طور تي مشتمل آهن. (1) بئراج جي گيٽن جي تبديلي ۽ بئراج ۽ واهن جي هيڊ ريگيوليٽر جي بحالي جي ٿوري مرمت (2)ليفٽ پاڪيٽ ڊيائڊوال جي ڀيهر جوڙجڪ (3) اليڪٽرومڪينيڪل اوزارن جي تبديلي (4)دريا جي ٽريننگ جو ڪم (5) عملي جي دفترن ۽ بئراج جي ڪنٽرول روم جي مرمت ۽نئين سر ڪالوني ٺاهڻ.

200 مزدورن ۽ عملي جي رهائش لاءِ مزدور ڪيمپ ٺاهي ويئي آهي. ٺيڪيدار مزدور ڪيمپ قئم ڪندو. ان سان گڏو گڏ اسٽور بيچنگ پلانٽ، آفيسون ۽ ورڪشاپ. منصوبي جي مڪمل ڪرڻ ڪان پوءِ ٺيڪيدار ورڪشاپ آبپاشي کاتي حوالي ڪندو. اسٽاف ڪالوني گڊو بئراج جي ساڄي پاسي ٺاهي ويندي. بحالي جي ڪم ۾ شامل ٿيل جيئن ته گيٽن جي تبديلي، هوئسٽ گيئرز ۽ لاڳاپيل بجلي جا سوئچ گيئرز گڏوگڏ سول ڪم ظاهر ٿيل اسٽيل جي ڪانڪريٽ سان مرمت، جوڙن جي ڀيهر سيلنگ، پل جي ڏارن جي ٿوري گهٽي مرمت. واهن جي هيڊ ريگيولٽر گيٽن جي تبديلي هڪ وقت هڪ هي ريگيوليٽر جي تبديلي واهن جي بندي دوران ٿئي. جيئن ته ٻيا دروازا پاڻي جي فرهامي لاءِ کليا رهندا. جيئن ته پاڻي جي فرهامي ڪو به خلل نه پوي. ڊيوائڊوال جي جوڙجڪ لاءِ اها تجويز ڏني ويئي آهي ته ليفٽ پاڪيٽ جي ڊيوائڊ وال ٺاهڻ ڪان اڳ موجوده ڊيوائڊوال ريٽي واه جي اڳيان ڪرينن جي ذريعي ڊاهي ويندي بحالي جي ڪم جي ٻئين سال دوران. ڪم جي جاءِ ڪي بحالي جي ڪم ڪان پوءِ مڪمل بحال ڪيو ويندو. منصوبي جي ٺاهڻ دوران منصوبي جي ٽيم اهو ڄاتو ۽ سڃاتو ته ممڪن آهي ته خانگي زمين جي حاصلات يا ماڻهن جي لڏپلاڻ پراجيڪٽ جي ڪمن جي ڪري ٿئي.

## تجويز ڏنل واڌو فنڊنگ مان سکر بئراج جي بحالي جو ڪم :

بئراج جي بحالي جو ڪم تجويز ڏنل واڌو فنڊنگ ۾ هنن ڪمن تي مشتمل آهي. (1) بئراج جي اسٽرڪچر جي بحالي جيڪا بئراج جي موجوده اسٽرڪچر ۾ مضبوطي ڪندي. (2) مڪينيڪل ڪم بئراج جي گيٽن جي آپريشن ۽ ٻوڏ ڪان بچاءُ ۾ مدد ڪندا (3) بجلي جا ڪم بئراج جي مانيٽرنگ سسٽم ۾ سڌارا آڻيندا (4) بئراج جي مٿئين پاسي لٽ ڪي ڪڍڻ جيڪو واهن ڏانهن لٽ ڪي وڃڻ ڪان روڪيندا. ۽ ٻوڏ ڪي ڪنٽرول ڪندا بئراج جي ساڄي پاسي وارن لٽيل ڪئنالن جي لٽ ڪڍڻ سان آبپاشي جي پاڻي مهيا ڪرڻ ۾ وڌيڪ بهتري آڻيندا.

موجودو ڊيزائن ٿيل بحالي جي ڪم جي منصوبي لاءِ ڪا به خانگي زمين ۽ ماڻهن جي لڏ پلاڻ جي توقع نه ڪئي ويئي آهي. 1.5 ملين ڪيوبڪ ميٽر لٽ ڪاهي ۽ ساڄي پاسي سکر بئراج جي پاڪيٽس مان ڪڍي ويندي . جنهن ۾ 50 سيڪڙو لٽ کاتي جي ذريعي ڪنيل بئراج جي هيٺئين پاسي رکي ويندي. جيئن ته هن ايريا ۾ ڪا به فصل جي آبادي يا ماڻهن جي آبادي نه آهي. جڏهن ته

دريا جي مٿئين حصي ۾ وچون ٻيٽ ۽ ٻاهريون لٽ سان ٺهيل ٻيٽ ۽ ڪاڇي پاسي جي ٻيٽ، هنن ٽنهي ٻيٽن تي زمين جيڪا 40 غير قانوني قبضو ڪندڙ ماڻهو آباد ڪري رهيا آهن تقريبن 170 ايڪڙ. انهن مان 5 غير قانوني قبضو ڪندڙ ماڻهو پنهنجي خاندان سان ٻيٽ تي رهن ٿا.   بئراج ۽ واهن جي مشين ذريعي ڪاٽي ڪرڻ سان هنن جي روزگار تي ڪو به اثر نه پوندو. ڪاڇي پاسي جي ٻيٽ جو تمام ٿورو حصو ختم ڪيو ويندو جيڪو آبادي جي هيٺ نه آهي. مڊل بينڪ جي چوڌاري لٽ ڪڍي ويندي. پر مڊل بينڪ ٻيٽ ۽آئوٽر بينڪ ٻيٽ محفوظ رهندا غير قانوني آباد ڪندڙ زمين ۽ ٻيٽن تي رهندڙ ماڻهن جي پهچ ٻيڙين ذريعي آهي. تنهن ڪري ٺيڪيدار ۽ PMO انهن جي پهچ بئراج جي ذريعي يا ٻيڙين جي ذريعي ڪندا . واڌو فنڊنگ جي دوران مڊل ۽ آئوٽر بينڪ ٻيٽن جي باري ۾ مطالعو ڪيو ويندو جيئن ته ڪنهن به لڏ پلاڻ جي ڪري ايبريوٽيڊ ريپ اپڊيٽ RPF مطابق ڪيو ويندو.

1.5 ملين ڪيوبڪ ميٽر بئراج جي ٻنهي ساڄي ۽ ڪاڇي تلائن مان واري ڪڍي ويندي جنهن مان 0.7 ملين ڪيوبڪ ميٽر ڊريجنگ جي ذريعي ۽ 0.7 ملين ڪيوبڪ ميٽر کوٽئي جي ذريعي ڪئي ويندي.4.24 ملين ڪيوبڪ ميٽر واري بئراج جي ساڄي ڪئنالن مان ڪڍي ويندي جنهن مان 3.07 ملين ڪيوبڪ ميٽر واري رئس ڪئنال جي 25 ڪلو ميٽر مان، 0.92 ملين ڪيوبڪ ميٽر رائس جي نارٿ ويسٽ جي 7 ڪلو ميٽرن مان ۽ 0.25 ملين ڪيوبڪ ميٽر دادو ڪئنال جي 7 ميلن مان ترتيبوار ڪڍي ويندي.

## سماجي اقتصادي بيس لائن سروي گڊو بئراج جي:

گڊو بئراج جي بحالي جي ايريا ڪشمور ۽ گهوٽڪي جي (حصن ۾) مشتمل آهي. پراجيڪٽ ايريا ۾ تقريبن آدمشماري 37410 آهي ۽ اهي گڏيل خاندانن ۾ رهن ٿا. انهن ۾ وڏا قبيلا مزاري 50 سيڪڙو ۽ ميراڻي 30 سيڪڙو آهن. منصوبي جي ايريا ۾ مقامي ٻولي سنڌي آهي. جڏهن ته تعليم جي سراسري 6 سيڪڙو آهي. قبائلي وفاداري پراجيڪٽ ايريا ۾ مضبوط آهي ۽ قبائلي اڳواڻ پراجيڪٽ ايريا ۽ ان جي چوڌاري آهن انهن مان گهڻا سياستدان، معزز ۽ اثرائتا ماڻهون آهن. هي ايريا مزاري ۽ ويجهڙائي ۾ رهندڙ ڪوسا قبيلن وچ ۾ 2010 کان 2011 تائين جهيڙو رهيو پر قبيلائي اڳواڻن جي وچ ۾ مفاهمت 2011 جي آخري ۾ حالات بهتري طرف آندا.

هن ايريا ۾ روزگار جو وڏو ذريعو ذراعت ۽ عام مزدوري آهي. نتيجتن بئراج جي ساڄي پاسي فيڪٽريون ۽ عام مزدور پراجيڪٽ ۽ چوڌاري ايريا ۾ موجود آهن. تعليم ۽ آمدني جي ليول پراجيڪٽ ۽ پرپاسي جي علائقي ۾ عام طور تي گهٽ آهي. پراجيڪٽ ۽ پرپاسي جي علائقي ۾ عام روزگار زراعت آهي ننڍا هاري پنهجي يا مڪادي تي ڪنيل زمين ۾ ڪمند، چانور، ڪپهه ۽  ڀاڄيون ۽ پڻ چوپائي مال جو گاهه پوکين ٿا. جڏهن ته عورتون ۽ ڇوڪريون اڪثر زراعت سان وابسته آهن. پراجيڪٽ ۽ پرپاسي جي علائقن ۾ سماجي سهولتن جي رسد گهٽ آهي. بجلي جي رسد موجود آهي. تنهن هوندي به گئس جي رسد پيئڻ جي پاڻي گندي پاڻي جي نيڪال ۽ صحت جون سهولتون تمام محدود

آهن پراجيڪٽ ۽ پرپاسي جي علائقي ۾ اسڪول موجود آهن پر انهن ۾ جنرل عملي ۽ وسيلن جي کوٽ آهي. گهوٽڪي ۽ ڊيزرٽ پٽ فيڊر جي ڪمانڊ ايريا جو ساليانو دارومدار گڊو بئراج جي آبپاشي جي لاءِ سپلاءِ ٿيندر پاڻي تي آهي. ان ڪان علاوه ساليان بندي جي دوران، جيئن ته ڊيزرٽ پٽ فيڊر جي ڪمانڊ ايريا ۾ زير زمين پاڻي لوڻياٺو آهي جيڪو پيئڻ جي لائق نه آهي تنهن ڪري ڪئنال جي ڪمانڊ ايرا جي ماڻهن جو پيئڻ جي پاڻي جو ذريعو واهه جو پاڻي آهي. گڊو بئراج مئي ڪان آڪٽوبر تائين فقط بيگاري سنڌ فيڊر واه کي پاڻي مهيا ڪري ٿو.

## واڌو فنڊنگ سان منصوبي جي سماجي اقتصادي بنيادي سروي:

سکر بئراج جي بحالي جي منصوبو سکر ۽ روهڙي جي منهن آهي. جنهن جي ڪل آدمشماري 1.4 ملين آهي سکر شهر حيدرآباد ۽ ڪراچي ڪان پوءِ سنڌ جو ٽيون وڏو شهر آهي. جڏهن ته سکر بئراج جي ڪمانڊ ايريا 8.24 ملين ايڪڙ آهي. سنڌ جي اتر ۽ لاڙ ۾. جنهن مان 7 واهه بئراج جي ساڄي ۽ کابي پاسي نڪرن ٿا . جيئن ته نارا خيرپور (اوبر) روهڙي خيرپور اولهه واهه کابي پاسي جڏهن رائس، دادو ۽ نارٿ ويسٽرن ساڄي پاسي آهن سکر ۽ روهڙي ۾ تمام گهٽي آدمشماري سنڌي 71 سيڪڙو، مهاجر 16 سيڪڙو، پختون 3 سيڪڙو ۽ سرائيڪي ۽ بلوچ 1 سيڪڙو آهن. سنڌي ٻولي عام ڳالهائي وڃي ٿي. بحالي جي منصوبي جي علائقي ۾ 96 سيڪڙو. سماجي ۽ اقتصادي تحقيق مطابق بئراج جي آبادي واري علائقي ۾ تعليم جو انگ 36 سيڪڙو. مردن ۽ عورتن وچ ۾ تعليم جو تناسب 1.3:1 آهي. 77 سيڪڙو بنيادي آمدني جو ذريعو زراعت آهي. ۽ سرڪاري نوڪريون 13 سيڪڙو ۽ روزانا مزدوري 10 سيڪڙو . هنن گهراڻن جي مزدوري جو ٻيون ذريعو چوپايو مال پالڻ آهي. زراعت مطابق ڪٽڪ سي ڪان وڏو فصل ان ڪان پوءِ ڪپهه چانور ۽ ڪمند 29 سيڪڙو. سروي مطابق ڳوٺاڻن جا باغ آهن جيئن ته انب ۽ ڪيلا سکر بئراج جي 10 ڪان 15 ڪلوميٽر جي ايريا ۾. مهاڻن جا ڳوٺ ۾ 500 گهر آهن. ڇاڪاڻ ته دريا ۾ گهٽ مڇي جي ڪري اڪثر مهاڻا مزدوري يا مڇي جي تلائن تي ڪم ڪن ٿا.

## ماڻهن جي لڏپلاڻ ۽ آباد ڪرڻ جي پاليسي جي جوڙجڪ :

اصلي گڊو بئراج جي منصوبي هيٺ منصوبي جي ٽيم تفصيلي ڇنڊڇاڻ ۽ تحقيقاتي منصوبي جي گهري اثر هيٺ زمين جي وصولي ماڻهن جي لڏ پلاڻ ۽ انهن کي آباد ڪرڻ جي انهن ظاهر ڪيو ته اصل منصوبي جي تيار ڪيل ته جيئن ته بحالي ۽ مرمت بئراج استرڪچر ۽ تبديلي مڪينيڪل ڪم ۽ ان ۾ ڪو به سول ڪم شامل نه آهي. ان لاءِ ڪا به خانگي زمين ۽ ماڻهن جي لڏ پلاڻ لاءِ گهربل نه هوندي. ان لاءِ RPF عالمي بينڪ جو تيار ڪيو ويو جيئن ته غير متوقع حاصل ڪرڻ جي رهنمائي لاءِ RPF پاڪستان جي قانون جي عمل ۾ آڻڻ جي مطابق ناهجي ٿو. ۽ عالمي بينڪ جي

حفاظت پاليسي انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي پنهنجو پاڻ لڏپلاڻ نہ ڪن. پنهنجي مرضي سان لڏپلاڻ نہ ڪرڻ جا واقعا ظاهر ٿيا آهن.انهن لاءِ ماڻهن جي لڏ پلاڻ ۽ انهن جي آباد ڪرڻ جوعملي منصوبو عالمي بينڪ جي پاليسي مطابق جوڙيو ويندوءِ جيڪو منظوري لاءِ ورلڊ ب بئنڪ کي جمع ڪرائبو.

RPF مخصوص ڪري ٿو ڪو بہ بحالي جو ڪم نہ ٿيندو جيستائين RAP شروع ٿيندو. انهي لا سپ کان پهريان ضروري قدم اهو آهي تہ ماڻهن ماڻهن کي لڏ پلاڻ ۽ انهن کي آباد ڪرڻ ۽ معاوضو ادا ڪري جيئن هن RPF ۾ ڄاڻايل آهي. هنن قدمن کڻڻ سان اهو پڻ ٿيندو تہ لڏيندڙ ماڻهن کي معاوضو ۽ ٻيون امداد جيڪي ٻيهر آباد ڪرڻ کان پهريان گهربل سهولتون آباد ٿيندڙ جڳهن لاءِ بندو بست ڪيو وڃي ۽ جيئن انهن جو روزگار ٻيهر بحال ٿي وڃي. RPF تفصيلي ۽ قانوني دائرو مهيا ڪري ۽ منصوبي جي اثر هيٺ ايندڙن جي درجا بندي ۾ آخري تاريخ قائم جي تفصيل ڏيئي ٿي. جڏهن تہ RPF ۾ entitlement matrix شامل ڪيل آهي. انهي ۾ تفصيلي ڏنل آهي. ماڻهن جا نقصان ۽ ان جي مطابق معاوضو Entitlement Policy ۾ ڏنل آهي. انهي ۾ ماڻهن جي معاوضي ادا ڪرڻ ۽ الائونس جا مختلف قسم حساب ڪتاب ٿيل آهن. جيئن تہ گاڏين جو ڪرايو، روزگار ۽ مقداري الائونس مخصوص ڪيا ويا آهن

آخري ڊيزائن جي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ ٻيهر لڏپلاڻ ۽ آباد ڪرڻ جي ٻيهر تحقيقات گهرجن مطابق ڪئي ويندي. هي تحقيقات پنهنجي مرضي مطابق لڏ پلاڻ نہ ڪندڙن جي سڃاڻپ ڪندي. OP 4.12 الڳ طور RAP تيار ڪرڻ گهري ٿي. جيڪي RPF جي شقن تي مشتمل آهي. RPF مڪمل طور تي طريقہ ۽ گائيڊ ڏئي ٿي. جيئن تہ پنهنجي ماڻهن جي لڏ پلاڻ ۽ انهن کي آباد ڪرڻ لاءِ RAP ناهڻ ۽ ان کي منظور ڪرائڻ اهڙي طرح ايبريويٽيڊ RAP اصل منصوبي (گڊو بئراج) لاءِ تيار ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ رور ٽريننگ ورڪس لاءِ 16 گهر بندن تي آباد ٿيل ۽ انهن کي ٻيهر آباد ڪرڻ ناهيو ويو آهي. جيڪو RAP عمل هيٺ آهي.

تجويز ڏنل واڌو فنڊنگ SBIP RAP کي اپڊيٽ ڪيو ويو آهي. جيئن تہ ڪنہ حالت خانگي زمين ۽ ماڻهن کي ٻيهر آباد ڪرڻ جي گهرج پوي. تجويز ڏنل سکر بئراج جي ڪمن لاءِ ڪابہ متوقع زمين گهر ۽ ٻيهر ماڻهن کي آباد ڪرڻ جي گهرج نہ آهي. تبديل ڪيل RPF اپڊيٽ انٽائٽلمنٽ ميٽرڪس شامل ڪيا آهن جيڪو WSIP جي منصوبي مطابق ناهيو ويو آهي. جنهن ۾ گڊو ۽ بئراجن جي ڪمانڊ واري ايريا ۾ بحالي جا ڪم ٿي رهيا آهن.

## معلومات ڏيڻ وٺڻ جي جوڙجڪ ٻيهر تيار ڪيل :

معلومات ڏيڻ وٺڻ جي معلومات SMF ۾ شامل ڪئي ويئي آهي. اپڊيٽ تجويز ٿيل منصوبو ڏنل واڌو فنانسنگ ۽ ان مقصد سان تہ منصوبي کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ گڊو ۽ سکر بئراجن جي عام ماڻهن ۽ بنيادي لاڳاپيل ماڻهن سان صلاح مشورو ڪيو ويندو.حڪومتي کاتا خانگي سيڪٽر غير

سرڪاري تنظيمون سيڪيندريلاڳاپيل ماڻهون آهن جيڪي سڌي طرح يا اڻ سڌي طرح منصوبي تي اثر رکن ٿا. هن اصل منصوبي (گڊو) سنڌ حڪومت ڪاتا گڏوگڏ بلوچستان حڪومت آبپاشي ڪاتو جيئن تہ پٽ فيڊر جي ڪمانڊ ايريا نصيرآباد ۽ جعفرآباد ضلعن تائين وجي ٿي. معلومات ڏيڻ ۽ وٺڻ Communication matrix اي ايف مطابق تيار ڪيو ويو آهي. ميٽرڪ معلومات ڏيڻ ۽ وٺڻ، پيغام موڪلڻ ڪميونيڪيشن جا ذريعا، وقت ۽ پيغامن جي اڪثر پهچائڻ ۽ وٺڻ.

اصلي منصوبي (گڊو بئراج جي بحالي) جنهن ۾ تعليم تمام گهٽ آهي. ۽ مختلف ٻوليون ڪمانڊ ايريا ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون جيئين تہ سنڌي بلوچي اردو ۽ سرائڪي ماڻهن ڪان صلاح مشورن جي ڪميونيڪيشن جو ذريعو اثرائتو آهي. انهن ماڻهن ڪان معلومات وٺڻ ۽ ڏيڻ لاءِ 3 تنهن هوندي بہ منصوبي جي ايريا سکر شهر ۾ آهي. جنهن تعيلم جو انگ گهڻو تمام سني ميڊيا، موبائل ۽ انٽرنيٽ جي رسد آهي. اپڊيٽ جوڙجڪ مختلف ميڊيا ۽ ڪميونيڪيشن جي پري تائين پهچ جيئن تہ ٽريفڪ انتظام.

## منصوبي عمل آڻڻ لاءِ بندوبست :

PMO سيڪريٽري آبپاشي ڪاتي هيٺ قائم ڪيو ويو آهي. حڪومت سنڌ منصوبي جي بحالي لاءِ منصوبي سرگرمين لاءِ مانيٽرنگ ۽ معلومات ڏيڻ وٺڻ لاءِ اطلاع ڏيئي ۽ وٺي اصل منصوبو (گڊو بئراج) هيٺ ۽ گڏو گڏ SMF جي عمل آڻڻ ۽ RAP . PMO جون آفيسون ڪراچي ۽ سکر ۾ آهن. ماحولياتي ۽ سماجي يونٽ ESU سکر ۾ قائم ڪيو ويو آهي. جنهن جي ذميواري SMF جي صحيح عمل لاءِ ڪميونيڊڪيشن اسپيشلسٽ آهي. جيڪو ڪميونيڪشن اسٽريٽجي عمل ۾ آڻيندو. RAP جيڪو تيار ڪيو ويو آهي. اهو PMO عمل ۾ آڻيندو. CSC جي مدد سان RFP جي مطابق. تجويز ڏنل منصوبي واڌو فنانسنگ ۾ سرگرمين آڻڻ مٿيون ساڳيو طريقو ۽ بندوبست عمل ۾ آڻيندو.

## شڪايتن جي حل جا طريقي ڪار :

SBIP شڪايتن جي حل لاءِ طريقي ڪار تيار ڪيو آهي. جنهن جي ذريعي پروڪيورمنٽ ۽ ڪميونٽي جا مسئلا حل ڪيا ويندا. جيڪڏهن پرو ڪيورمينٽ GRM خاص طور تي منصوبي جي پروڪيورمينٽ جون شڪايتون حل ڪنديون. ۽ ڪميونٽي CGRM ٻيون شڪايتون منصوبي سان لاڳاپيل شڪايتون گڏوگڏ ماحولياتي سماجي حفظتي. گهڻو ڪري منصوبي جي بئراج ڪمانڊايرا سان لاڳاپيل ماڻهن جون. GRM جي سيل ڊپٽي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر هيٺ هوندو. جيڪڏهن شڪايت هيئين سطح تي حل نہ ٿي تہ پوءِ اهي شڪايتون حل ڪرڻ لاءِ GRC ڏانهن موڪليون ويندون. جيڪڏهن اجا حل نہ ٿي تہ ان کي وڌيڪ SBIP جي پراجيڪٽ ڪاميٽي ڏانهن موڪليو ويندو. CGRM کي تجويز ڏنل واڌو فنانس منصوبي لاءِ ساڳيو ڪندي.

## مانيٽرنگ ۽ ايووليوشن :

مانيٽرنگ منصوبي جي اندروني ۽ ٻاهرين طور تي ڪئي ويندي. اندروني مانٽرنگ PMO ۽ PCMU جيڪو پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ جي ڪاتن هيٺ ٿاهيل آهي. منصوبي جي بحالي جي ٻاهرين مانيٽرنگ third party MEC ڪندا. اندروني مانيٽرنگ منصوبي جي باري ۾ گڏ ڪندا. انهن کي ماهوار رپورٽ جي صورت ۾ ٺاهيندا ان جي نتيجين مطابق. SMF جي عمل آڻڻ ڪم ججي سرگرمين کي صحيح ڪرڻ جي ضروري هجي ڪنهن دير ۽ مسئلن جي حالت ۾پروگريس رپورٽ پروجيڪٽ ڊائيريڪٽ ڏانهن موڪلي ويندي. MEC بحالي جي منصوبي ۾ پرتي ڪيا ويندا. انهن ۾ ماحولياتي ۽ سماجي ماهر ڪنيا ويندا. اهي MEC ڪنسلٽنٽس ٽين پارٽي SMF جي عمل ۾ آڻڻ لاءِ وچان مانيٽرنگ ڪندا. ۽RAP جي عمل لاءِ تجويز ڏنل پروگرام تحت ۽ گڏوگڏ ماحولياتي ۽ سماجي ڍانچي جي انتظامي منصوبي جي. MEC ڪنسلٽنٽس مڪمل رپورٽ تيار ڪندا. جيئن خودمختيار تحقيقات (Audit) انهن رپورٽس کي PMO آبپاشي کاتو حڪومت سنڌ، عالمي بينڪ ۽ CSC ۽ ٻيو انهن کي موڪليندا اتي مناسب هوندو. MEC جي تحيقيقت رپورٽ ساليانو PMO کي موڪلي ويندي. جنهن ۾ منصوبي جي هڪ سال جو ڪم لکيل هوندو. تجويز ڏنل منصوبي واڌو فنانسنگ جي لاءِ سڄيو طريقيڪار عمل ۾ آندو ويندو.

### رقم جو تخمينو Cost Estimates :

SMF کي اپڊيٽ تخمينو ڪيل رقم 1.5 ملين يو ايس ڊالر آهي. اصلي منصوبي (گڊو بئراج) ۽ تجويز ڏنل Additional Financing لاءِ آهي.

| نقصان جا قسم | استعمال | ماڻهون | معاوضو ڏيڻ جي پاليسي |
|---|---|---|---|
| (1)عمارتون (رهائشي، مذهبي يا ادارا) ۽ نلڪا | تورو جڳهہ جو نقصان ۽ رهندڙ جڳهہ وڌيڪ استعمال جي لائق آهي يا نہ | اثر ايندڙ جڳهہ جو مالڪ جيڪو قانون يا غير قانون يا روايتي طور تي زمين جو مالڪ جتي هو ان زمين تي رهي تو | روڪ معاوضو جڳهہ جي اثر هيٺ ۽ ان کي ٻي جڳهہ تي آباد ڪرڻ لاءِ ، الائونس نقصان پهتل ۽ رهندڙ جڳهہ جي مرمت لاءِ |
| | | مقادار ياليز رکندڙ ماڻهون تورو جڳهہ نقصان پهتل | زمين ليز مطابق روڪ رقم ادا ڪئي ويندي |
| | مڪمل طور تي عمارت جو نقصان يا ڪجهہ حصو جڳهہ ۽ رهندڙ حصو جيڪو وڌيڪ استعمال نہ ڪري سگهجي | قانوني طور تي اثر ايندڙ جڳهہ قانوني ۽ روايتي مالڪاڻا حق زمين جا جنهن ۾ هي رهي تو | روڪ رقم ۾ معاوضو مڪمل طور تي اسٽرڪچر بحالي ۾ اچڻ انهن کي معاوضو نئين جڳهہ تي آباد ٿيڻ مطابق ادا ڪيو يا برابري عمارت تاهرائي ڏيڻ ان جي تسليم شده جڳهہ تي |
| | | | منتقلي جا پئسا ٻي جڳهہ تي وڃڻ لاءِ (موجوده اگهہ مطابق) |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | مقادار ۾ ليز ٽيندڙ جو اسٽرڪچر اثر | انهن ڪي ٽن مهينن جي رينٽ (موجوده جڳهه جي ڪرائي مطابق) |
| | | | بي جڳهه تي شفٽ ٿيڻ لاءِ ڪمائي جو الائونس (موجوده اگهه مطابق) |
| | | اسٽرڪچر جي اثر هيٺ اچڻ جي مالڪي زمين جو حق جنهن تي هي رهي ٿو | روڪ رقم سجي اسٽرڪچر جي جڳهه تي آباد ٿيڻ لاءِ يا ساڳئي قسم جو اسٽرڪچر هن جي تسليم شده جڳهه تي |
| | | | لڏپلاڻ لاءِ سواري نئين جڳهه جي لاءِ پئسه (موجوده ڪرائي مطابق) |
| (2)دوڪان (واپار لاءِ) | دوڪان ۾ ڪيبن نقصان ۾ ڪجهه رهندڙ حصو وڏيڪ استعمال ڪرڻ لاءِ | اثر هيٺ ايندر اسٽرڪچرقانوني يا غير قانوني مالڪي جا حق جنهن زمين تي موجود آهي | روڪ رقم جي ادائگي ڪجهه حصي نقصان رسيل اسٽرڪچر جي ٻيهر آباد ڪرڻ جي قيمت |
| | | | الائونس جي ادائگي مرمت جي قيمت بچيل اسٽرڪچر جي |
| | | | معاوضو نقصان ٿيل آمدني جي مطابق 8 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | مقادار يا ليز هولڊر جو ٿورو حصو اسٽرڪچر جي بحالي جي ڪم هيٺ | روڪ رقم ۾ معاوضو ادا ڪرڻ ليز ڪينل جي مطابق ۽ آمدني جي نقصان جو معاوضو 8 نمبر جي مطابق |
| | | دڪان جي مڪمل طور تي نقصان يا ڪجهه حد تائين اثر رهندڙ اسٽرڪچر جي جڳهه جنهن تي آباد آهي. | روڪ رقم معاوضي ۾ سڄي اسٽرڪچر ۽ ٻيهر آباد ٿيڻ جي قيمت يا ٺهيل اسٽرڪچر برابر معيار جيڪو ان ماڻهن جي تسليم شده هجي |
| | | | سواري ۽ دڪان جي سامان شفٽ ڪرڻ لاءِ نئين جڳهه تي |
| | | | آمدني جي نقصان جو معاوضو 8 نمبر جي مطابق |
| | | مقادار يا ليز تي ڪٽندڙ اسٽرڪچر اثر هيٺ اچڻ | لڏي وڃڻ ۽ آباد ٿيڻ ٻي جڳهه تي آباد ٿيڻ لاءِ ٽن مهينن جو ڪرايو (موجوده ڪرائي مطابق) |
| | | | معاوضو آمدني جي نقصان 8 نمبر مطابق |

| | | | |
|---|---|---|---|
| (3)زمين رهائش واپار صنعت مذهبي ادارا ملڪيت جي بغير | زمين جو ڪجهه نقصان ۽ بچيل زمين ڪافي آهي استعمال ۽ رهائش جي لاءِ | منصوبي اثر هيٺ ايندڙ ماڻهن جو قانوني يا رويتي طور تي حق | روڪ رقم ۾ معاوضو ادا ڪرڻ اثر هيٺ ايندڙ زمين جو ٻيهرتبديل ڪرڻ جي رقم مطابق |
| | | مقادار ۽ ليز هولڊر جي نقصان ٿيل زمين | ليز تي ڪندڙ زمين جي آمدني مطابق |
| | | منصوبي جي اثر هيٺ ايندڙ ماڻهو بغير مالڪي (قبضا خور ۽ غير قانوني) | معاوضو ڏيڻ جي لاءِ ناقابل قبول ۽ انهن ڪي بي سهارا جو الائونس ڏنو ويندو |
| | زمين جو نقصان، رهندڙ زمين ڪي مسلسل استعمال ۽ آباد جي لائق نه هجڻ | منصوبي هيٺ ماڻهو قانوني يا زمين حق يا قانوني طور تي ٻئي جي زمين جي استعمال جو حق | برابر ايراضي ساڳي خاصيت جي زمين ۽ پهچڻ جي سهولتون تسليم شده جڳهه تي يا پاڪستان جي قانون لينڊ اڪيوزيشن ايڪٽ جي مطابق |
| | | | لڏڻ جي سواري جي قيمت (موجوده ڪرائي مطابق) |
| | | مڪادار ۽ ليز تي ڪنيل زمين جي نقصان | برابر زمين جي ايراضي ليز تي ڪنيل زمين جي ڏيڻ ليز ختم ٿيڻ جي وقت |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | مطابق يا انهن کي معاوضو ادا ڪرڻ ليز ڪنيل زمين جي وقت مطابق |
| | | | نئين جڳهه تي منتقل ٿيڻ لاءِ سواري جا پئسا ادا ڪرڻ (موجوده ڪرائي مطابق) |
| | | منصوبي اثر هيٺ ايندڙ ماڻهن جو معاوضو نه ڏيڻ (قبضا خور غير قانوني آباد ٿيل ماڻهون) | قابلِ قبول نه بي سهارا الائونس لاءِ سفارش ڪندا |
| | | | نئين جڳهه تي منتقل ڪرڻ لاءِ الائونس ڏيڻ (موجوده ڪرائي مطابق) |
| (4)زرعي زمين | عارضي يا هميشه زمين جو نقصان جيڪي اقتصادي طور تي مناسب (اڌ ايڪر کان وڌيڪ) | منصوبي جي اثر هيٺ ايندڙ ماڻهن جو قانون يا روايت حق يا قانوني طور ماڻهن جو زمين جو حق | پاڪستان جي لينڊ اڪيوزيشن ريٽ مطابق معاوضو |
| | | مڪادار يا ليز تي ڪٽندڙ يا هارپي آباد ڪندڙ زمين | هڪ سال جي پيداوار جو معاوضو ادا ڪرڻ يا مقادي يا ليز جي وقت مطابق جيڪا وڌيڪ هجي ۽ هارپي ڪندڙ کي فصل جي حصي جو معاوضو مالڪ ۽ مقادار جي معاهدي مطابق(عام طور تي 50 سيڪڙو) |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | بيٺل فصل جي قيمت ڪرڻ جيڪو تيار ٿيڻ کان اڳ لوٽجي انهي جو معاوضو پيداوار مطابق ڏنو ويندو فصل جو معاوضو مالڪ ۽ مڪادار جي حصي مطابق انهن جي معاهدي مطابق ڏنو ويندو (50 سيڪڙو) |
| | | منصوبي جي اثر هيٺ ايندر ماڻهون (قبضا خور غير قانوني ويٺل ماڻهون) | روڪ رقم جو معاوضو بيٺل فصل جي مارڪيٽ جي مطابق ڪاٿو لڳائڻ جنهن ڪي وقت کان اڳ تيار ٿيڻ کان لوٽجي انهن لاءِ پڻ بي سهارا الائونس لاءِ عرض ڪندا (هيٺ ڏنل) |
| | سڀ زمين رکندڙ جو نقصان يا ڪجهه زمين جو نقصان جنهن جي زمين اڌ ايڪر کان وڏيڪ هجي | منصوبي جي اثر هيٺ ايندڙ ماڻهن جي زمين جا قانوني يا روايتي مالڪ يا ڪنهن جي زمين جو استعمال قانوني طور تي | برابر جي ايراضي ۽ برابر پيداوار جي زمين مهيا ڪرڻ جيڪا انهن ماڻهن جي تسليم شده هجي يا انهن ڪي پاڪستان لينڊ اڪيوزيشن ايڪٽ تحت معاوضو ڏيڻ |
| | | مڪادي، ليز رکندڙ ۽ فصل جي پيداوار ۾ حصيدار | مارڪيٽ جي اگهه مطابق هڪ سال جي پيداوار جي قيمت جو معاوضي |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | جي رقم ڏجي رهندڙ سال مڪادي ۽ ليز وارن کي جيڪا يقين گهٽي آهي فصل جي حصيدار جو معاوضو گهٽ ٿيندو چاڪاڻ ته مالڪ ۽ مڪادار جي وچ ۾ معاهدي جي مطابق |
| | | منصوبي جي بغير مالي(قبضا خور ۽ غير قانوني) | بيٺل فصل جيڪو لوٽي نه سگهجي ته ان فصل جي مارڪيٽ جي قيمت مطابق معاوضو ڏنو ويندو، بي سهارا جي الائونس جي لاءِ عرض ڪندا |
| (5)استرڪچر جو نقصان (عام ماڻهن جو) | ڪجهه استرڪچر جو نقصان ۽ بچيل استرڪچر جو مستقبل ۾ استعمال جي لائق قبضا خورن جي | ڪميونٽي | اثر هيٺ ايندڙ حصي جو معاوضو ادا ڪجي تبديل ٿيندڙ جڳهه جي قيمت مطابق |
| (6)عام پهچ لاءِ رستن ۽ سهولتن جو نقصان | ماڻهن جي ملڪيت، ذريعن ۽ شهري سهولتن جو نقصان | ڪميونٽي ۽ گهراڻا | تبديل ٿيندڙ جڳهه جي قيمت مطابق معاوضو سيني استرڪچر جو يا برابري وارين سهولتن جي رسد |
| (7)وڻن جو نقصان | بحالي جي ڪم جي اثر هيٺ ايندڙ وڻ | وڻن جا مالڪ | مارڪيٽ جي اگهه مطابق وڻن جي قيمت انهن جي عمر ۽ پيداوار مطابق |

| | | | |
|---|---|---|---|
| (8)واپار يا ڌنڌي جي آمدني جو نقصان | واپار يا ڌنڌي جو نقصان جي هنڌ آباد ٿيڻ لاءِ يا (زرعي زمين يا فصل کان علاوه) | متاثرين(مالڪ، نوڪر يا مزدور) | روزگار الائونس ٽن مهينن جي آمدني يا پگهار، عارضي يا هميشہ لڏپلاڻ يا گهٽ ٽن مهينن جي مزدوري جيڪي مٿي هجي |
| (9)عارضي نقصان | اسٽرڪچر تي گهرو اثر | منصوبي اثر هيٺ ايندڙ ماڻهن کي عارضي طور تي پنهنجن گهرن مان لڏ پلاڻ | عارضي لڏ پلاڻ وارن کي معاوضو ڪرائي واري الائونس جي مطابق ڏنو ويندو جيڪو متبادل رهائش جي قيمت ۾ ڏنل آهي |
| | اسٽرڪچر ۾ ٻيون هميشہ آباد ملڪيتون | منصوبي اثر هيٺ ايندڙ ماڻهون | تبديل ٿيندڙ سامان ۽ انهن جي مزدوري انهي جي گهسڻ ۽ تباهہ ٿيڻ جي عارضي طور تي مالڪي هجڻ دوران |
| | ملڪيت يا زمين جي عارضي طور تي حاصلات | منصوبي اثر هيٺ ايندڙ ماڻهن جو قانون يا روايت يا قانوني طور تي ڪنهن ٻئي ماڻهون جي زمين يا ملڪيت جي مالڪي | ڪو بہ معاوضو نہ ڏنو ويندو جڏهن اصل مالڪ کي واپس ڪئي ويندي تسليم شده حالت ۾ |
| | | | ماهوار ڪرايو مارڪيٽ جي ڪرائي مطابق |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | اصل حالت جي مطابق نقصان يا مرمت جو معاوضو |
| | | مکادار، ليز ڪٽندڙ ۽ فصل ۾ حصيدار | معاوضو ليز جي وقت ادا ڪرڻ عارضي طور تي فصل جي نقصان جي قيمت مارڪيٽ جي مطابق (تقريبن هڪ سال جي لاءِ)معاوضو مالڪ ۽ مکادار جي معاهدي مطابق(50 سيڪڙو) ڏنو ويندو |
| | | منصوبي جي اثر هيٺ ايندڙ ماڻهون بغير مالڪي جي | بيٺل فصل جي قيمت مارڪيٽ جي قيمت مطابق ادا ڪرڻ جيئن اهو فصل اڳوات پچڻ جو لوڙيو ويندو |
| (10)عمارت جو نقصان (ادارو) | عمارت جي ٿوري حصي کي نقصان ۽ بچل عمارت وڏيڪ استعمال آهي (موجود قبضا خور) | ادارو | مرمت سول ڪم جي ڪانٽريڪٽ |
| | عمارت جو مڪمل طور تي نقصان هيٺ يا ٿوري حصي تي اثر وڏيڪ بچل عمارت يا جڳهه وڏيڪ استعمال جي قابلِ قبول نه هجي | ادارو | سول ڪمن جي ٺيڪي هيٺ تبديل ڪرڻ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| (11) زمين جو نقصان (غير استعمال) | زمين جي هميشہ نقصان پر ڪجھہ حصو | قانوني طور تي معاوضو وٺڻ جو مالڪ يا روايت يا قانوني طور تي ڪنهن مالڪ جي ڏنل حق مطابق مالڪي | معاوضو پاڪستان جي لينڊ اڪيوزيشن ايڪٽ جي مطابق |
| | هميشہ سجي زمين جو نقصان يا ڪجھہ حصي جو نقصان ۽ بچل زمين اڌ ايڪڙ کان گهٽ هجي | قانوني طور تي معاوضو وٺڻ جو حقدار يا روايتي طور تي حقدار يا قانوني طور تي ڪنهن ٻئي جي ملڪيت جي مالڪي ڏيکارڻ | معاوضو پاڪستان جي زمين جي حاصل جي قانون مطابق |
| ڪو مٿي نقصان | بي سهارا الائونس | منصوبي جي اثر هيٺ ايندڙ ماڻهن جي درجا بندي جيڪي بي سهارا ماڻهون جيڪي قانوني طور تي زمين جي معاوضي وٺڻ جا حقدار نہ هجن | بي سهارا الائونس ٻن مهينن جي گهرو آمدني جي برابر يا گهٽ ۾گهٽ ٻن مهينن جي مزدوري (جيڪا مٿي هجي) |